قرآني بيان

# ڪربلا

## مان ملڻ وارو هڪ سبق

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

26،جون، 2026ء(متوقع اسلامي تاريخ، 10 محرم شريف 1448 هه)

**جمعة المبارڪ جو**



**مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبهِ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 26، جون، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ، 10 محرم شريف 1448 ھ) جمعة المبارڪ جو**

**قرآني بيان**

**بنام**

# ڪربلا مان ملڻ وارو هڪ سبق

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ…

- … امام عالي مقام آخري عمرو ادا فرمايو
- … زمين ۽ آسمان رُنا، رت جو مينهن وَسيو
- … امام عالي مقام رَضِیَ اللہُ عَنْه جو هڪ خط
- … ڪامياب زندگي جي لاءِ 3 اعمال

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلَّى عَلَيَّ حِيْنَ يُصْبِحُ عَشْرًا وَحِيْنَ يُمْسِيْ عَشْرًا اَدْرَكَتْهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ۔

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَ سَلَّم: جنهن مون تي صبح ۽ شام جو 10، 10 ڀيرا درود شريف پڙهيو، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.[1]

ڪهيں گے اور نبی اِذْهَبُوْا اِلٰى غَيْرِىْ | مِرے حُضُور کے لَب پر اَنَا لَهَا ہو گا[2]

وضاحت: قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهو مختلف نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي خدمت ۾ شفاعت جو سوال کڻي حاضر ٿيندا ته سڀ ئي نبي فرمائيندا: اِذْهَبُوْا اِلٰى غَيْرِىْ يعني مون کانسواءِ ڪنهن ٻئي وٽ وڃو! پر جڏهن ماڻهو بارگاهِ

[1]…مجمع الزوائد، كتاب الاذكار، باب ما يقول اذا اصبح واذا امسى، جلد:10، صفحه:120، حديث:17022۔

[2]…ذوقِ نعت، صفحه:54۔

رسالت ۾ حاضر ٿيندا تہ پيارا آقاء مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَ اٰلِہٖ وَ سَلَّم فرمائيندا: اَنَا لَهَا، اَنَا لَهَا هن ڪم (يعني شفاعت) جي لاءِ مان ئي آهيان.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ؕ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿۵۰﴾

(سيپارو: 6، المائده: 50)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ڇا هي ماڻهو جاهليت جو حڪم گهرن ٿا ۽ يقين وارن جي لاءِ الله کان بهتر ڪنهن جو حڪم ٿي سگهي ٿو.

باغِ جنّت کے ہیں بہرِ مَدح خوانِ اَہلِ بیت
تم کو مژدہ نار کا اے دشمنانِ اَہلِ بیت!
ان کی پاکی کا خُدائے پاک کرتا ہے بیاں
آیۂ تطہیر سے ظاہر ہے شانِ اَہلِ بیت
اُن کے گھر میں بے اجازت جبرئیل آتے نہیں
قدر والے جانتے ہیں قدر و شانِ اَہلِ بیت
کس شَقی کی ہے حکومت ہائے کیا اندھیر ہے
دِن دِہاڑے لُٹ رہا ہے کاروانِ اَہلِ بیت
گھر لُٹانا جان دینا کوئی تجھ سے سیکھ جائے
جانِ عالَم ہو فدا اے خاندانِ اَہلِ بیت!(1)

وضاحت: اهلِ بيت جو شان بيان ڪرڻ وارن جو مقدر جنت آهي ۽ اي اهلِ بيت جا دشمنؤ! توهان جي لاءِ باهہ آهي، الله پاڪ آيتِ تطهير (اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ۚ) ۾ اهلِ بيت جو شان ۽ پاڪيزگي

[1]…ذوقِ نعت، صفحه:100-101-103 ملتقطاً.

بيان فرمائي ٿو ۽ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام بہ اهلِ بيت جي گهر ۾ بغير اجازت داخل نہ ٿيندا هئا چو تہ عزت وارا ئي اهلِ بيت جي عظمت ڄاڻن ٿا. هي ڪنهن بدبخت جي حڪومت آهي؟ هي ڪهڙو ظلم آهي؟ جو ڏينهن ڏٺي اهلِ بيت جو قافلو لٽيو پيو وڃي. حق جي راهہ ۾ پنهنجي جان ڏيڻ ۽ پنهنجو سڀ ڪجهہ لٽائڻ ڪو توهان کان سکي اي اهلِ بيت جا خاندان! توهان تي سڄي عالم جي جان فدا ٿئي.

## امامِ عالي مقام جن آخري عمروادا فرمايو

پيارا اسلامي ڀائرو! 61 هجري جو واقعو آهي، يزيد بدبخت تختِ سلطنت تي قابض ٿيو، ان امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عنه کان بيعت جو مطالبو ڪيو، پاڻ بيعت نہ ڪيائون ۽ مدينو ڇڏي مڪي شريف تشريف کڻي ويا. عبدالله بن سليم اسدي چون ٿا: اسان حج ڪرڻ لاءِ ڪوفي کان مڪي حاضر ٿياسين، چاشت جو وقت هو، مون ڏٺو: امامِ عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عنه ۽ حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللّٰهُ عنهما ڪعبي جي دروازي جي ويجهو بيٺا ڳالهيون ڪري رهيا آهن، حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللّٰهُ عنهما عرض ڪيو: اي امام! توهان هتي ئي رهو! اسان توهان جي بيعت ڪنداسين. امامِ عالي مقام فرمايو: منهنجي والدِ محترم (مولٰي علي، شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عنه) مون کي حديث ٻڌائي هئي تہ مڪي ۾ هڪ دنبو (گهيٽو) هوندو، جيڪو ڪعبي جي حرمت کي پائمال ڪندو، ان کي هتي قتل ڪيو ويندو. مان هتي رهي دنبو (گهيٽو) ٿيڻ نٿو چاهيان.

مطلب هي هو تہ منهنجي شهادت تہ طئي آهي، هتي مڪي ۾ رهندس، تڏهن بہ شهيد تہ ٿيڻو ئي آهي، نقصان هي ٿيندو تہ يزيد بدبخت منهنجي

دشمني ۾ مڪي جي بہ بي حرمتي ڪندو. تنهنڪري مونکي وڃڻو ئي پوندو. ان کان پوءِ اهي ٻئي دير تائين آهستي آهستي ڳالهيون ڪندا رهيا، ايستائين جو ظهر جو وقت ويجهو اچي ويو. ان کان پوءِ امامِ عالي مقام طواف ڪيو، صفا ۽ مروه جي سعي فرمائي، وار ڪترايا، عمرو مڪمل فرمايو، پوءِ ڪوفي جو سفر شروع ڪري ڏنائون.[1]

## مان خدا جي فيصلي تي راضي آهيان

روايتن ۾ آهي: فَرَزْدَق جيڪو عرب جو مشهور شاعر هو، رستي ۾ ان جي امامِ عالي مقام سان ملاقات ٿي، امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنه پڇيو: ڪوفي ۾ ماڻهن جي ڪهڙي صورتحال آهي؟ فرزدق چيو: ماڻهن جون دليون توهان سان گڏ آهن پر تلوارون يزيد سان گڏ آهن، آسمان مان فيصلا لهي چڪا آهن، ٿيندو اهو ئي، جيڪو اللّٰه پاڪ چاهيندو.

هي ٻڌي امامِ عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنه فرمايو: فرزدق! تو سچ چيو، حڪم پهريان بہ اللّٰه پاڪ جو ئي هو، بعد ۾ بہ اللّٰه پاڪ جو ئي هوندو. جيڪو خدا چاهيندو آهي، اهو ئي ٿيندو آهي، هر ڏينهن اسان جي رب جا نوان شانَ آهن. جيڪڏهن خدا جو فيصلو اهو آهي جيڪو اسان چاهيون ٿا، تڏهن اسان ان جي نعمت تي ان جي حمد ڪريون ٿا، اهو ئي شڪر جي توفيق بخشي ٿو ۽ جيڪڏهن اللّٰه پاڪ جو فيصلو ڪجھ ٻيو آهي، تڏهن بہ جنهن جي نيت سچي هجي، جيڪو حق جو پيروڪار هجي، جيڪو (صرف ماڻهن جي سامهون ئي نہ پر) اڪيلائي ۾ بہ تقويٰ اختيار ڪرڻ وارو هجي، اهو سرڪشي ناهي ڪندو (اللّٰه پاڪ جي فيصلن تي سر

[1]... تاريخ طبرى، النسة الستون، ذكر ذكر مسير الحسين الى الكوفة، جلد:3، صفحہ:295 ملتقطًا۔

جهڪائيندو آهي). هي فرمائي امامِ عالي مقام ڪوفي جي طرف روانا ٿي ويا.[1]

رستي ۾ يزيد جي فوج سندن رستو روڪيو، اهڙي طرح پاڻ ڪربلا پهتا، پوءِ تقدير جو لکيو پورو ٿيو، امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنه پنهنجي 72 وفادار ساٿين سان گڏ، 10 محرم، سن 61 هجري تي ◈ ميدانِ ڪربلا ۾ يزيد پليد جي خلاف، حق جو آواز بلند ڪندي ◈ ناني جي دين تي پهرو ڏيندي ◈ ظلم سهندي ◈ ڏک ۽ غم جي جبل آڏو ثابت قدم رهي ◈ نهايت ئي عزت سان ◈ شجاعت سان ◈ شان و شوڪت سان شهيد ٿيا ۽ ◈ رهندي دنيا تائين باطل جي خلاف بيهڻ جو ◈ حق تي هلڻ جو ◈ ديني جذبي جو ◈ عزت سان جيئڻ ◈ عزت سان مرڻ جو ◈ شجاعت جو ◈ بهادري جو ◈ استقامت جو ۽ ◈ صبر و رضا جو سبق ڏئي ويا.

| | |
|---|---|
| حُسَیْن ایک علامت | حُسَیْن عَزْمِ سَفر ہے |
| ہے زِندگی کے لئے | مُسَافری کے لئے |

هڪ ٻئي شاعر چيو:

| | |
|---|---|
| فِطْرَت کی مصلحت کا اشارہ حُسَین ہے | قربانیوں کی آنکھ کا تارا حُسَیْن ہے |
| وہ اس لئے لڑے کہ ستم کو مٹا سکیں | پھر کیوں نہ ہم کہیں کہ ہمارا حُسَیْن ہے |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]… تاریخِ طبری،ذکر ذکر مسیر الحسین الی الکوفة، جلد:3، صفحہ:296۔

## زمين ۽ آسمان رنا، رت جو مينهن وسيو

علامہ ابنِ حجر مڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ذڪر ڪن ٿا: جڏهن حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عنه شهيد ڪيا ويا تہ سج کي گرهڻ لڳو، آسمان ڳاڙهو ٿي ويو، 3 ڏينهن تائين دنيا تي اونداهي ڇانيل رهي، ايستائين جو ڏينهن جو تارا نظر اچڻ لڳا، ڪيترن ئي ڏينهن تائين آسمان مان رت وسندو رهيو، ان جي اثر سان پٿيون ۽ عمارتون رنگجي ويون، جيڪو ڪپڙو ان سان رنگيو ويو، ان جي ڳاڙهاڻ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ تائين ختم نہ ٿي، شام ۾ جيڪو پٿر ان ڏينهن کنيو ويندو هو، ان جي هيٺان تازو رت نڪرندو هو، هي منظر ڏسي ماڻهن کي گمان ٿيو تہ شايد قيامت قائم ٿي وئي آهي.[1]

| | |
|---|---|
| ہزاروں میں بہتّر (72) تن تھے تسلیم و رضا والے | حقیقت میں خُدا ان کا تھا اور یہ تھے خدا والے |
| کسی نے جب وطن پوچھا تو حضرت نے یہ فرمایا: | مدینے والے کہلاتے تھے، اب ہیں کربلا والے |
| حسین ابنِ علی کی کیا مدد کر سکتا تھا کوئی | یہ خود مشکل کُشا تھے اور تھے مشکل کشا والے |
| دوائے دَرْدِ عصیاں پنج تن کے در سے ملتی ہے | زمانے میں یہی مشہور ہیں دارُ الشفا والے |

## اهلِ ڪربلا رضا جا طلبگار هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! ◈ ڪربلا هڪ حقيقت آهي ◈ هڪ دردناڪ سانحو آهي ◈◈ صبر ◈ استقامت ◈ برداشت ◈ جان نثاري ◈ رضاءِ موليٰ تي راضي رهڻ ۽ ◈ حق تي ثابت قدمي جي زبردست داستان آهي. عارفِ کڙي شريف ميان محمد بخش رَحْمَةُاللهِعَلَيْه لکن ٿا:

[1]...صواعق المحرقة، الباب الحادی عشر، فی فضائل اہل البیت، صفحہ:240-241 خلاصۃً۔

هُونْدِي قُوَّت زَور نہ لايا، بَيٺھے مَن رَضَائِيں
پاني بَاجھ پِيَاسَے چلّے، دِين دُنِي دے سائِيں

وضاحت: يعني امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِيَ اللهُ عنه انهن جا ڏوهٽا آهن، جيڪي آسمان جي طرف رخ ڪن تہ رب قبلي ڪي بدلائي ڇڏي ٿو، پاڻ چاهين ها تہ ميدانِ ڪربلا ۾ چا ڪجھ نہ ٿي سگھي ها، چاهين ها تہ يزيدين کي خاڪ جو ڍير بڻائي ڇڏين ها پر پاڻ طاقت هوندي بہ زور نہ لڳايو، ڇو؟ اللّٰه پاڪ جي رضا مقصود هئي، جيڪا اللہ پاڪ تقدير لکي هئي، ان تي راضي رهڻ چاهيو ٿي، جيتوڻيڪ پاڻ دين و دنيا جا سردار آهن، تڏهن بہ اڃ برداشت ڪندي ڪندي دنيا مان رخصت ٿي ويا.

## ڪربلا جو سڀ کان اهم پهلو

پيارا اسلامي ڀائرو! يقينن ڪربلا نهايت غم ناڪ ۽ دل ڏڪائي ڇڏيندڙ واقعو آهي ◈ ڪربلا جي داستان ۾ پنهنجن جون وفائون بہ آهن، يزيدين جون جفائون بہ آهن ◈ ڪربلا ۾ صبر جي بہ انتها آهي ۽ يزيدين جي طرفان ظلم جي بہ انتها آهي، ان ۾ اسان جي لاءِ ڪوڙ سارا سبق موجود آهن پر اسان هي چئي سگھون ٿا تہ ڪربلا کي جنهن شيءِ ڪربلا بڻايو آهي، يعني ان سانحي کي جنهن شيءِ اهميت ڏني آهي، اها امامِ عالي مقام رَضِيَ اللهُ عنه جو يزيد جي خلاف موقف هو. اڄ هي ڳالھ سمجھڻ جي ضرورت آهي ◈ امامِ عالي مقام فرات جي ڪناري تي هوندي بہ اڃ برداشت ڪئي ◈ يزيدين جون جفائون بہ ڏٺيون ◈ بدبخت يزيدين جا گستاخانہ جملا بہ ٻڌا ◈ حضرت علي اڪبر کان وٺي حضرت علي اصغر رَضِيَ اللهُ عنهما تائين

پنهنجا شهزادا بہ قربان ڪيا ◈ پنهنجن پيارن جي رت ۾ ڳاڙها لاشَ بہ هٿن سان کڻي آيا ◈ پنهنجن جان نثارن جون قربانيون بہ ڏٺيون ◈ حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہ عنه جون ڪٽيل ٻانهون بہ ملاحظ فرمايون ◈ مطلب تہ اهو ڪهڙو ڏک هو، اهو ڪهڙو غم هو جيڪو ڪربلا جي ميدان ۾ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنه جي دل تان نہ گذريو هوندو؟ سڀ ظلم برداشت ڪيا، سڀ ڏک دل تي سٺا، سوال هي آهي تہ هي سڀ ڪجهہ آخر ڇو ڪيو پئي ويو؟ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنه جيڪڏهن يزيد جي ڳالهہ مڃي وٺن ها تہ دولت بہ ملي ها، ظاهري طور عزت بہ ملي ها، سڀ ڪجهہ هجي ها، ان جي باوجود پاڻ دنيا کي ٺُڏو هڻي قربانين کي قبول فرمايو، آخر ان سڀ جي پويان امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي سوچ ڪهڙي هئي، ذهن ڪهڙو هو؟ يزيد جي خلاف سندن موقف ڪهڙو هو؟ هي موقف اڄ سمجهڻ جي ضرورت آهي.

## آيتِ ڪريم جي مختصر وضاحت

اسان بيان جي شروعات ۾ سيپارو: 6، سوره مائده جي آيت: 50 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيتِ ڪريمہ جي روشني ۾ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنه جو موقف صاف واضح ٿئي ٿو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عنه مڪي کان هلڻ کان وٺي ميدانِ ڪربلا ۾ 10 محرم جي صبح تائين جيڪي خطبا ڏيندا رهيا، جيڪو ڪجهہ ارشاد فرمائيندا رهيا، اهو سڀ هن آيتِ ڪريمہ جي ڄڻ تہ وضاحت هئي، آيت ڪهڙي آهي؟ ٻڌو! پوءِ هن آيت جي روشني ۾ اسان امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنه جو موقف سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اللّٰہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ڇا هي ماڻهو جاهليت جو حڪم گهرن ٿا.
(سيپارو: 6 المائده: 50)

هي ان دور جي غير مسلم بني اسرائيل جي متعلق ارشاد ٿيو، روايتن ۾ آهي: هڪ دفعي بني اسرائيل جا ڪجهه وڏا وڏا عالم گڏجي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: اي محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم) توهان ڄاڻو ٿا ته اسان بني اسرائيل جا عالم آهيون، جيڪڏهن اسان ڪلمو پڙهيو ته اسان جي سڄي قوم ڪلمو پڙهندي، اسان اسلام قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون بس هڪ شرط آهي، فلاڻي قبيلي ۽ اسان جي وچ ۾ تڪرار آهي، اسان ان جو فيصلو توهان کان ڪرايون ٿا، توهان اسان جي حق ۾ فيصلو ڪري ڏجو، اسان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندا سين. ان تي سوره مائده جون آيتون: 49 ۽ 50 نازل ٿيون، الله پاڪ، قيامت تائين جي لاءِ جيترا به اسلامي حڪمران هوندا، اسلام جي تخت تي ويهڻ وارا حڪمران هوندا، انهن سڀني کي هي حڪم ڏئي ڇڏيو:[1]

وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ

ترجمو ڪنزُ العرفان: (۽ اي مسلمان!) انهن (ماڻهن) جي وچ ۾ ان جي مطابق فيصلو ڪر جيڪو الله نازل فرمايو آهي ۽ انهن جي خواهشن جي پٺيان نه هل. (سيپارو: 6، المائده: 49)

يعني هڪ اسلامي حڪمران کي جيترا به فيصلا ڪرڻا آهن، انهن جو بنياد خواهشون نه هونديون، اسلامي تخت تي ويهڻ واري جي لاءِ هي لازم

[1]...تفسير ابن ابی حاتم، پاره:6، سورۂ مائدۃ ، زيرِ آيت:50، جلد:3، صفحہ:219، حديث:6533۔

آهي ته اهو قرآن کي پنهنجو معيار بڻائيندو، اهو قرآن جي تعليمات تي عمل ڪندو، ان جي مطابق تمام اصول ۽ قانون بڻائيندو، قرآن جي تعليمات کي معاشري ۾ رائج ڪندو. هي حڪم ڏيڻ کان پوءِ فرمايو:

اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ڇا هي ماڻهو جاهليت جو حڪم ڳهن ٿا.
(سيپارو: 6، المائده: 50)

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم! هي جيڪي بني اسرائيل جا نامور، وڏا وڏا عالم توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آهن، اهي ڇا چاهين ٿا؟ ڇا اهي چاهين ٿا ته ٻيهر جاهليت وارين اونداهين جي طرف هليا وڃن؟

ايئن هرگز نه ٿو ٿي سگهي...!! هڪ وقت هو جڏهن دنيا تي جاهليت جي اونداهي ڇانيل هئا ◈ هاڻي اسلام اچي چڪو آهي، رات گذري چڪي آهي، سج نڪري چڪو آهي ◈ هاڻي اسلام جو نور پکڙجي ويو آهي ◈ هاڻي ٻيهر جاهليت جي اونداهين جي طرف نه وڃبو ◈ هاڻي جيڪو دستور نافذ ٿيندو ◈ هاڻي جيڪو قانون نهندو، جيڪي به فيصلا ڪيا ويندا ◈ انهن جو بنياد اسلام جي نور تي ◈ قرآن جي تعليمات تي رکيو ويندو ◈ جاهليت جي رسم و رواج تي نه رکيو ويندو. پوءِ فرمايو:

وَ مَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿۵۰﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ يقين وارن جي لاءِ الله کان بهتر ڪنهن جو حڪم ٿي سگهي ٿو. (سيپارو: 6، المائده: 50)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! هن آيتِ ڪريمہ ۾ ڪيتري خوبصورتي سان هڪ اسلامي حڪمران جي بنيادي ذميواري بيان ڪئي وئي، هي فرمايو ويو تہ ڪوبہ اسلامي حڪمران سلطنت جا تمام فيصلا پنهنجي خواهش تي، رسم و رواج تي نہ بلڪ الله پاڪ جي پاڪيزه ڪلام قرآنِ ڪريم جي روشني ۾ ڪري سگهي ٿو.

## امامِ عالي مقام جو واضح موقف

امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنه جو يزيد سان هي ئي بنيادي اختلاف هو، يزيد اسلامي تخت تي وينو هو، ان قبضو ڪيو هو پر ◈ اهو پاڻ فاسق هو ◈ بي نمازي هو ◈ شرابي هو ◈ بدڪار ۽ بدڪردار هو ◈ رحمٰن جي اطاعت ڇڏي شيطان جي پيروي ڪرڻ وارو هو ◈ فساد پکيڙڻ وارو هو ◈ الله پاڪ جي احڪامن کي پامال ڪرڻ وارو هو ◈ الله پاڪ جي حلال ڪيل شين کي حرام ۽ حرام ڪيل شين کي حلال قرار ڏيندڙ هو ◈ سنت کي بدلائڻ وارو ◈ خلافِ سنت ڪمن کي رواج ڏيڻ وارو هو ◈ هي بدبخت پاڻ بہ سنتِ مصطفيٰ جي پيروي نہ ڪندو هو ◈ ۽ ٻين کي بہ خلافِ سنت ڪمن تي اڀاريندو هو ◈ ان جي دل جو ميلان، ان جي طبيعت جو لاڙو اسلام جي طرف نہ پر نفساني خواهشن جي طرف هو ◈ اهو اسلام جو نور اجھائڻ کان پوءِ ٻيهر زماني کي جاهليت جي اونداهين ۾ ڌڪڻ تي چاهيو.

اهو ئي امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنه کي ان سان اختلاف هو، ان سبب ڪري پاڻ ان جي خلاف بيٺا، ان ڪري پاڻ ان جي بيعت نہ ڪئي، ان ڪري پاڻ ڪربلا تشريف کڻي آيا ۽ معاشري کي جاهليت جي اونداهين کان بچائڻ

لاءِ اسلامي نور ۾ بدل رکڻ لاءِ پاڻ سڀ ظلم برداشت ڪيا، بالآخر شهادت جو جام پي ويا.

## امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جو هڪ خط

امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنه ڪيترن ئي هنڌن تي پنهنجي هن واضح موقف جو اعلان فرمايو. هڪ دفعي پاڻ بصرا جي ڪجهه سردارن ڏانهن خط لکيو، ان ۾ فرمايو: اَنَا اَدْعُوْکُمْ اِلٰی کِتَابِ اللّٰہِ وَ سُنَّۃِ نَبِیِّہٖ اي انسانو! مان توهان کي الله پاڪ جي ڪتاب ۽ ان جي نبيءَ جي سنت جي طرف سڏيان ٿو. فَاِنَّ السُّنَّۃَ قَدْ اُمِیْتَتْ وَ اِنَّ الْبِدْعَۃَ قَدْ اُحْیِیَتْ بيشڪ سنت مرده (يعني ختم) ٿي رهي آهي ۽ بدعتن (يعني جاهليت وارين گمراهين) کي رواج ڏنو پيو وڃي.[1]

جڏهن امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ميدانِ ڪربلا جي طرف تشريف کڻي وڃي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ هنڌ پاڻ خطبو ڏيندي فرمايو: اي انسانو! رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ جيڪو اهڙي حڪمران کي ڏسي ◈ جيڪو ظلم ڪندو هجي ◈ الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کي حلال قرار ڏيندو هجي ◈ الله پاڪ جو عهد ٽوڙيندو هجي ◈ سنت جي مخالفت ڪندو هجي ◈ ماڻهن ۾ گناهن ۽ ظلم و زيادتي کي رواج ڏيندو هجي، ڏسڻ وارو جيڪڏهن اهڙي ظالم کي برن ڪمن کان نه هٽ سان روڪي، نه زبان سان روڪي، ته الله پاڪ تي حق آهي ته ان (ڏسڻ واري) کي ان (ظالم) سان گڏ ئي رکي. انسانو! بڌي ڇڏيو...!! بيشڪ انهن يزيدين ◈ شيطان جي اطاعت کي لازم پڪڙيو ◈ رحمان جي اطاعت کي ڇڏي ڏنو ◈ ماڻهن ۾ فساد پکيڙيو ◈ الله پاڪ جي حدن کي پامال ڪيو ◈

[1]... البداية والنهاية، السنة الستين للهجرة، قصة الحسين بن على وسبب ...الخ، جلد:4، جز:8، صفحه:553-554۔

الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کي حلال ۽ ◈ حلال ڪيل شين کي حرام قرار ڏنو ۽ مان ان ڳالھ جو وڏيڪ حق رکان ٿو تہ اهڙي ظالم جي سامهون حق جو ڪلمو بلند ڪريان.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي هو امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جو واضح موقف... پاڻ فرمائي رهيا هئا: ◈ يزيد جاهليت پکيڙي رهيو آهي ◈ اسلام جي نور کي مٽائڻ چاهي رهيو آهي ◈ شيطاني ڪمن کي رواج ڏيڻ چاهي رهيو آهي ◈ معاشري کي، امتِ مسلمہ کي ڪتاب الله کان هٽائي جاهليت جي اونداهين جي طرف ڌڪڻ چاهي رهيو آهي جڏهن تہ قرآنِ ڪريم هڪ اسلامي حڪمران لاءِ هي واضح قانون ٻڌايو آهي تہ هڪ اسلامي حڪمران صرف ۽ صرف ڪتاب الله جي مطابق فيصلا ڪري سگھي ٿو، ان کان هٽي نٿو سگھي. تنهنڪري ان جي بيعت نہ ڪئي ويندي.

## ڪربلا جو بنيادي ترين سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪربلا جو بنيادي ترين سبق آهي تہ اسان جيڪي مسلمان آهيون، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهڻ وارا آهيون ◈ اسان جي طور طريقن جو معيار ◈ اسان جي زندگي گذارڻ جو معيار ◈ اسان جي رهڻ سهڻ جو معيار ◈ اسان جي پڙهڻ لکڻ جو معيار ◈ اسان جي معاشي معاملن جو معيار ◈ اسان جي ڪمائڻ کائڻ جو معيار مطلب تہ اسان جي زندگي جي لمحي لمحي جو معيار الله پاڪ جو قرآن ۽ اسلام جو نور آهي، جاهليت جا رسم و رواج نہ آهن.

---

[1]...تاريخ طبری، السنۃ الحادی والستون، ذکر الخبر عما کان فيها...الخ، جلد:3، صفحہ:306-307 خلاصۃً۔

جنهن طرح امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہ امت کي جاهليت جي اونداهين کان بچائڻ لاءِ پوري قوت سان گڏ بينا، ثابت قدمي ڏيکاري، ڪربلا ۾ پهتا، ظلم برداشت فرمايو، شهيد ٿيا ۽ يزيديت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو، اهڙي طرح هر سچي، پڪي حسيني جو هي پهريون حق، سڀ کان وڏي ذميواري آهي تہ پنهنجي زندگي ۾، پنهنجي گهر ۾، پنهنجي پاڙي ۾، پنهنجي معاشري ۾ جاهليت جي اونداهين کي هرگز پکڙڻ نہ ڏي.

## اسان ۾ جاهليت جون اونداهيون

پر افسوس! هي بہ وڏو مسئلو ٿي ويو آهي تہ ماڻهن ڪربلا کي محض هڪ رسم بڻائي رکيو آهي. اهو موقف جنهن جي بنياد تي امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ايڏي وڏي قرباني پيش فرمائي هئي، افسوس! اهو موقف هاڻي اسان کي ياد ناهي، افسوس! اهي جاهليت جون اونداهيون جن کي مٽائڻ لاءِ امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ڪربلا جي خاڪ کي رنگين ڪيو هو، هاڻي اهي اونداهيون اسان جي معاشري ۾ عام ٿي چڪيون آهن ◈ زمانۂ جاهليت ۾ شراب عام هو، هي بيماري هاڻي اسان جي معاشري ۾ بہ عام ٿيندي پئي وڃي ◈ جاهليت واري زماني ۾ بدڪاري عام هئي، اسان جي معاشري ۾ بہ ان جا لاڙا وڏي رهيا آهن ◈ بي حيائي زمانۂ جاهليت جو تمام وڏو عيب هو، هاڻي هي عيب اسان جي معاشري ۾ پوري قوت سان پکڙجي چڪو آهي ◈ ڳاريون ڏيڻ دورِ جاهليت جي اونداهي آهي، اسان جي معاشري ۾ بہ عام آهي ◈ والدين کي ستائڻ دورِ جاهليت جي اونداهي آهي، اسان جي معاشري ۾ بہ اولڊ هائوس (Old House) جو رواج وڌي رهيو آهي ◈ قطع تعلقي (يعني رشتا ٽوڙڻ) بلڪ رشتيدارن سان وڙهڻ، حسد، بغض جي بنياد تي انهن سان لڙايون ڪرڻ دورِ جاهليت جي اونداهي آهي،

اڄ ڪهڙو گهر آهي جتي جهيڙا نہ آهن، ڀاءُ ڀاءُ جو دشمن آهي، ڪنهن جي چاچي سان نٿي نهي، ڪو وڏي چاچي کان ناراض آهي، ڪنهن کي پُڦي کان نفرت آهي، ڪو مامي کان بيزار آهي ◈ طاقتور جو ڪمزورن تي زور هلائڻ، ڊيڄارڻ، ڌمڪائڻ، ڪمزورن جو حق کائي وڃڻ، دورِ جاهليت جي اونداهي آهي، اسان جي معاشري ۾ ڪهڙي حد تائين چانيل آهي، سيني کي اندازو هوندو ◈ گانا، باجا، ميوزڪ (Music) وغيره جاهليت جون اونداهيون آهن، اسان جي معاشري ۾ هي برائي ايڏي عام ٿي وئي آهي جو ڪڏهن ڪڏهن مسجدن ۾ بہ ميوزيڪل ٽونز (Musical Tunes) وڄندي ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون ◈ بي حيائي وارا شعر لکڻ، پڙهڻ، ڳائڻ دورِ جاهليت ۾ عام هو، اسان جي معاشري ۾ بہ عام آهي، ڪجهہ شاعر ماڻهو اهڙا اهڙا بي هودا شعر لکن ٿا، ڀري مجمعي ۾ ٻڌائين ٿا، يوٽيوب، فيس بڪ وغيره تي انهن جون وڊيوز (Videos) چاڙين ٿا، اهڙا بي حيائي وارا شعر...! ڪو باحيا ٻڌي تہ ڪنن کي هٿ لائي، هي بہ جاهليت جي اونداهي آهي ◈ سيٽيون وڄائڻ، تاڙيون وڄائڻ دورِ جاهليت جو رواج آهي، اڄ اسان جي ڪهڙي محفل آهي، جيڪا تاڙين کان خالي هوندي آهي؟ ◈ جوا کيڏڻ دورِ جاهليت وارو انداز آهي، الله پاڪ جي پناهہ! اسان جي ملڪ ۾ ڪيترا جوا جا اڏا آهن، ڪيترا ماڻهو جوا جي چڪر ۾ پنهنجا گهر برباد ڪري ڇڏيا آهن ◈ نسلي تعصب، پنهنجي پيءُ ڏاڏن تي فخر ڪرڻ دورِ جاهليت جي اونداهي آهي، اڄ ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي نسل پرستي جي بنياد تي فساد پيدا ڪن ٿا ◈ وياج دورِ جاهليت جي لعنت آهي، اڄ اسان جي معاشري ۾ بہ رائج آهي بلڪ وڌندي پئي وڃي ◈ جادو ٽوٽا ڪرڻ دورِ جاهليت جي برائي آهي، اڄ گهر گهر ۾ جادو ٽوٽي جا مسئلا موجود آهن.

مطلب تہ اها ڪهڙي برائي آهي جيڪا زمانۂ جاهليت ۾ هوندي هئي ۽ هاڻي اسان جي معاشري ۾ نتي ٿئي...؟ بلڪ اسان وٽ تہ انهن جاهلانہ رسمن کي ترقي جو نالو ڏنو وڃي ٿو ◈ وياج کي پرافٽ (Profit) چئي حلال سمجهيو وڃي ٿو ◈ سودي ڏي وٺ کي معيشت جي بهتري جو ذريعو سمجهي وينا آهن ◈ شراب پيئڻ فيشن بڻجي رهيو آهي ◈ بي حيائي کي جدت جو نالو ڏنو پيو وڃي.

اي پيارا اسلامي ڀائرو! گناهن جي اونداهين کي ختم ڪرڻ لاءِ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ڪربلا ۾ تشريف ڪٽي آيا هئا، هي سڀ برايون يزيديت آهن پر اسان ڪربلا وارا، پاڻ کي حسيني سڏڻ وارا، خوب جوش و جذبي سان حسيني لنگر پچائڻ، کائڻ ۽ ورهائڻ وارا، انهن برائين ۾ مبتلا آهيون. امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي ياد ملهائڻ سٺي ڳالهہ آهي، حسيني لنگر پچائڻ بہ سٺو، کائڻ بہ سٺو، ورهائڻ بہ ثواب جو ڪم آهي پر عرض هي آهي تہ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي موقف کي ڪير اپنائيندو؟ سندن اهو مشن جنهن لاءِ پاڻ ڪربلا ۾ تشريف ڪٽي آيا، ان مشن تي ڪير هلندو؟ ٿورو غور تہ فرمايو! جڏهن امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہ يزيد جي جنهن بري ڪردار مان خوش نہ ٿيا تہ جيڪڏهن اهو ئي ڪردار اسان جو بہ هجي ◈ جيڪي عادتون يزيد جون هيون، اهڙيون ئي عادتون اسان جون بہ هجن ◈ جهڙو گندو اخلاق يزيد جو هو، اهڙو ئي اسان جو بہ هجي ◈ اهي ئي جاهليت واريون برايون جيڪي يزيد اپنايل هو، انهن کي معاشري ۾ رائج ڪري رهيو هو، اسان بہ انهن برائين ۾ ڦيل هجون تہ ڇا امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہ اسان کان خوش ٿي ويندا...؟ هرگز نہ ٿيندا. ان ڪري هي ضروري آهي تہ اسان سچا حسيني بڻجون.

## بدبختي جي علامت

هي اڄ جو سبق اسان پنهنجي ذهنن ۾، دلين ۾ پڪو ڪري ويهاري ڇڏيون تہ ◈ اسان جي زندگي جو معيار رسمون نہ آهن ◈ اسان جي زندگي جو معيار غير مسلمن جا طور طريقا نہ آهن ◈ اسان جي زندگي جو معيار معاشري جا رويا نہ آهن بلڪہ هڪ مسلمان جي زندگي جو معيار رب جو قرآن آهي، اسلام جو نور آهي. ارشاد ٿيو:

اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِیَّةِ یَبْغُوْنَؕ وَ مَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ یُّوْقِنُوْنَ۠ (۵۰)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ڇا هي ماڻهو جاهليت جو حڪم گهرن ٿا ۽ يقين وارن جي لاءِ الله کان بهتر ڪنهن جو حڪم ٿي سگهي ٿو. (سيپارو: 6، المائده: 50)

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَیۡه هن آيتِ ڪريمہ جي تحت لکن ٿا: دل جو لاڙو شريعت جي خلاف هجڻ شقاوت (يعني بدبختي) جي علامت آهي ۽ شريعتِ پاڪ، سنتِ مصطفيٰ جي طرف دل جو جهڪاءُ سعادت مندي جي نشاني آهي. بدبخت ماڻهو جاهليت جي ڳالهين مان خوش ٿيندو آهي پر سعادت مند انهن کان نفرت ڪندو آهي.[1]

## ڪامياب زندگيءَ لاءِ 3 اَعمال

صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا: دنيا ۾ ڪامياب زندگي اهو ئي گذاري سگهي ٿو جيڪو 3 ڳالهين تي مضبوطي سان عمل ڪندو رهي: (1) پاڻ تي ۽ پنهنجي تعلق وارن (مثلاً گهر وارن، دوستن، عزيزن) تي الله ۽ رسول جا

[1]…تفسير نعيمى، پاره:6، سورۂ مائدة، زيرِ آيت:50، جلد:6، صفحہ:480 ۔

احڪام جاري ڪري (2) پنهنجي، پنهنجي عزيزن ۽ دوستن جي نفساني خواهشن جي پويان نہ هلي (3) زندگي احتياط سان گذاري. هي دنيا اونداهي ۾ ترڪڻ وارو رستو آهي، گهرجي تہ اسان جي هڪ هٿ ۾ دامنِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم هجي، ٻئي هٿ ۾ الله پاڪ جو قرآن هجي، نہ تہ اونداهي ۾ ترڪڻ ۾ اسان برباد ٿي وينداسين.[1]

اے دوستو! فرات کے پانی کا واسطہ
آلِ نبی کی تشنہ دہانی کا واسطہ
شبیر کے لہو کی روانی کا واسطہ
اَکبر کی ناتمام جوانی کا واسطہ
بڑھتی ہوئی جوان امنگوں سے کام لو
ہاں تھام لو حسین کے دامن کو تھام لو

## ٻگهڙ ٻڪرين جا محافظ بڻجي ويا

ڪتابن ۾ لکيل آهي: هڪ دفعي الله پاڪ جا نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ٻڪريون چاري رهيا هئا، پاڻ هلندي هلندي اهڙي وادي ۾ پهچي ويا، جتي ٻگهڙ تمام گهڻا هئا. هاڻي معاملو اهڙو ٿيو جو حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ٿڪاوٽ ٿي وئي، ننڊ اچڻ لڳي، ٻئي طرف هي بہ خطرو آهي تہ ٻگهڙ ٻڪرين کي نقصان پهچائيندا. ڪو فيصلو نہ ٿي رهيو هو تہ ڇا ڪريان؟ ٿڪاوٽ سبب اکيون بند ٿي رهيون آهن، ٻڪرين جي حفاظت بہ ڪرڻي آهي، هاڻي پاڻ ان مسئلي جو حل هي ڳوليو تہ آسمان جي طرف نگاهہ ڪنئين، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اي مالڪِ ڪريم! تنهنجو علم هر شيءِ کي گهيريل آهي، تنهنجو ارادو نافذ آهي، تو تقدير لکي ڇڏي آهي. هي چئي پاڻ هڪ هنڌ ليٽيا ۽ سمهي رهيا. جڏهن اک کلي تہ ڏٺائون تہ

[1]...تفسير نعيمى، پاره:6، سورۂ مائدة، زيرِ آيت:50، جلد:6، صفحہ: 481 ـ

بکَھڙ ئي سندن ٻڪرين جي حفاظت ڪري رهيا هئا. وڏي حيرت ٿي، الله پاڪ انهن جي طرف وحي ڪئي، فرمايو: كُنْ لِيْ كَمَا اُرِيْدُ اَكُنْ لَكَ كَمَا تُرِيْدُ يعني اي موسيٰ! اهڙا ٿي وڃو! جهڙو مان چاهيان ٿو، مان تنهنجي لاءِ اهڙو معاملو فرمائيندس، جيڪو تون چاهيندين.[1]

سبحان الله! ڏسو! اڄ اسان پريشانين جو شڪار آهيون، ڏکايل آهيون، مشڪلاتن ۾ ڦاٿل آهيون، ان سڀ جو حل ڇا آهي؟ اهڙا ٿي وڃون جهڙي الله پاڪ جي رضا آهي ۽ الله پاڪ جي رضا ڪنهن ۾ آهي؟ ان ۾ تہ اسان قرآنِ ڪريم جي مطابق زندگي گذاريون. تنهنڪري شريعت کي، سنت کي، قرآني تعليمات کي پنهنجو پيشوا بڻائي ونو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! زندگي آسان بہ ٿي ويندي، ڪامياب بہ ٿي ويندي.

## قرآن اسان جو امام آهي

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عنہ فرمائن ٿا: اِنَّ الْقُرْآنَ شَافِعٌ وَمُشَفَّعٌ قرآنِ ڪريم شفاعت ڪرڻ وارو آهي ۽ ان جي شفاعت قبول بہ ڪئي ويندي فَمَنْ جَعَلَهٗ اِمَامَهٗ قَادَهٗ اِلَى الْجَنَّةِ جيڪو قرآنِ ڪريم کي پنهنجو امام ۽ پيشوا بڻائيندو، قرآنِ مجيد ان کي جنت ۾ وٺي ويندو وَمَنْ جَعَلَهٗ خَلْفَهٗ سَاقَهٗ اِلَى النَّارِ ۽ جيڪو قرآنِ مجيد کي پٺي پويان اڇلائي ڇڏيندو، قرآنِ مجيد ان کي جهنم ۾ ڌڪي ڇڏيندو.[2]

---

[1]...حکایات و قصص من حیاۃ السابقین،الحکایۃ:75، صفحہ:100۔

[2]... مُصَنَّف عَبْدُ الرَّزَاق، باب تعلیم القران و فضلہ، جلد:3، صفحہ:229، حدیث:6030۔

درسِ قرآن جو ہم نے نہ بُھلایا ہوتا | یہ زمانہ نہ زمانے نے دکھایا ہوتا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪربلا جو درس آهي ته اسان قرآنِ ڪريم کي پنهنجو پيشوا بڻايون، اسلام اسان کي جيڪو نور عطا ڪيو آهي، ان جي پويان هلون، جاهليت جي اونداهين کان هر دم بچندا رهون. الله پاڪ اسان سيني کي ان جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دارالافتاء اهلسنت ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Darul Ifta Ahlesunnat (دار الافتاء اهلسنت). هن ايپلي ڪيشن ۾: ڪيئي مذهبي (Religious) ۽ معاشرتي (Social) سوالن جا تحريري فتاويٰ ◈ عقيدن جي متعلق احڪام ◈ قرآن و حديث جي متعلق احڪام ◈ وضوء، غسل ۽ ناپاڪي جا احڪام ◈ نماز جي متعلق مسئلا ◈ ميت جي متعلق مسئلا ◈ مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تربيتي ۽ معلوماتي وڊيو ڪلپس ۽ بيان ◈ معاشرتي ۽ مذهبي پهلوئن تي رهنمائي ڪندڙ مختلف آرٽيڪلز (Articles) ۽ ڪتاب ◈ مفتيانِ ڪرام جا مختلف علمي، تربيتي ۽ شرعي معلومات تي ٻڌل سلسلا ◈ تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ گهڻو ڪجهه هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو! پاڻ به فائدو وٺو ۽ ٻين کي به ترغيب (Motivation) ڏياريو!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان ڪي پڇاڙي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پاتي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: مسجد ۾ پِنڻ حرام آهي ۽ پنڻ واري کي ڏيڻ گناهه آهي.

وضاحت: اڄڪلهه هي ڳالهه عام ٿيندي پئي وڃي، پيشه آور فقيرن جي گهٽائي آهي، عام طور نمازِ باجماعت کان فوراً پوءِ بيهي ويندا آهن، وڏي وڏي آواز سان گهرڻ ۽ روئڻ شروع ڪري ڏيندا آهن، ان سان نمازين کي به تڪليف ٿيندي آهي ۽ جن جون باقي رڪعتون رهيل هجن، اهي به مشڪل ۾ اچي سگهن ٿا. ياد رکي ونو! ڪو حقدار هجي يا نه هجي، ڪنهن کي به مسجد ۾ پنهنجي ذات لاءِ گهرڻ جائز ناهي، حرام ۽ گناهه آهي ۽ اهڙن کي مسجد ۾ ڏيڻ به مڪروه ۽ ناجائز آهي.[1] حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو مسجد ۾ پنهنجي وڃايل شيءِ ڳولي ٿو (مثلاً ان لاءِ اعلان ڪري ٿو)، ان کي چئو: خدا ڪري توکي تنهنجي شيءِ نه ملي ته مسجدون هن ڪم لاءِ ناهن ٺاهيون ويون.[2] غور فرمايو! جڏهن مسجد ۾ پنهنجي ئي وڃايل شيءِ جو اعلان ڪرڻ منع آهي ته ٻين کان گهرڻ ڪيئن درست هوندو؟ مسجدون پنڻ لاءِ نه الله پاڪ جي عبادت لاءِ ٺاهيون ويون آهن. هي گهرڻ وارا ماڻهن جي سامهون هٿ ڦهلائڻ جي بجائي، جنهن کي سجدو ڪيو، ان ئي ربِ رحمان کان گهرن ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جهولي پرجي ويندي.

---

[1]... درمختار، كتاب الصلاة، باب ما يفسد الصلاة وما يكره فيها،صفحہ:90۔

[2]...مسلم، كتاب المساجد و مواضع الصلاة، باب النهى عن نشد الضالة...الخ، صفحہ:208، حديث:568۔

اهم نوٽ: خيال رهي! مسجد ۾ مسجد جي ئي تعمير و ترقي لاءِ، مختلف ديني ڪمن لاءِ يا امام و خطيب ۽ مؤذن صاحبن جي خدمت لاءِ جيڪو چندو ڪيو ويندو آهي، اهو جائز بلڪ ثواب جو ڪم آهي، مسجد ۾ دين لاءِ چندو گڏ ڪرڻ حديثن مان ثابت آهي. الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## اسماءُالحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا رَشِيْدُ (اي هدايت ڏيندڙ)

جيڪو شخص ڪنهن ڪم جي تدبير نه ڄاڻندو هجي ته مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ 1000 مرتبا يَا رَشِيْدُ پڙهي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! صحيح تدبير ان جي دل ۾ اچي ويندي.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم.

[1]...مَدَنی پنج سوره، صفحه:259۔